# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 2004
# SINDH ACT NO.I OF 2004
# سنڌ نجي تعليمي ادارا (انتظام ۽ ضابطو) (ترميم) ايڪٽ، 2003
# THE SINDH PRIVATE EDUCATIONAL INSTITUTIONS (REGULARIZATION AND CONTROL) (AMENDMENT) ACT, 2003
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of the Sindh Ordinance II of 2001

3. 2001 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of the Sindh Ordinance II of 2001

4. 2001 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of Section 7 of the Sindh Ordinance II of 2001

5. 2001 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعہ 9 جي ترميم
Amendment of Section 9 of the Sindh Ordinance II of 2001

6. 2001 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of Section 10 of the Sindh Ordinance II of 2001

7. 2001 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعہ 15 جي ترميم
Amendment of Section 15 of the Sindh Ordinance II of 2001

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 2004
# SINDH ACT NO.I OF 2004
## سنڌ نجي تعليمي ادارا (انتظام ۽ ضابطو) (ترميم) ايڪٽ، 2003
## THE SINDH PRIVATE EDUCATIONAL INSTITUTIONS (REGULARIZATION AND CONTROL) (AMENDMENT) ACT, 2003

[10 جنوري 2004]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ نجي تعليمي ادارا (انتظام ۽ ضابطو) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ نجي تعليمي ادارا (انتظام ۽ ضابطو) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ نجي تعليمي ادارا (انتظام ۽ ضابطو) (ترميم) ايڪٽ، 2003 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of the

2. سنڌ نجي تعليمي ادارا (انتظام ۽ ضابطو) آرڊيننس، 2001 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾، شق (vii) لاءِ، هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(vii) "رجسٽرنگ اٿارٽي" مطلب هڪ عملدار يا حڪومت

طرفان اهڙي ڄاڻايل اٿارٽي.”.

| | |
|---|---|
| Sindh Ordinance II of 2001 | |
| 2001 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعه 5 جي ترميم<br>Amendment of Section 5 of the Sindh Ordinance II of 2001 | 3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 6 ۾، شرطيه بيان ۾:<br>(a) شق (ii) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>“(ii) اداري کپ في اسٽرڪچر حڪومت جي اڳواٽ منظوري سان مقرر ڪيو ويندو؛<br>(ii_a) ادارو گهربل انفرا اسٽرڪچر بشمول عمارت، ڪلاس رومز، ليبارٽري، لائبريري، راند جو ميدان، ڪينٽين ۽ صاف پيئڻ جي پاڻي جون سهولتون مهيا ڪندو ۽ انتظام ڪندو؛<br>(ii_b) اداري جي استادن ۽ ٻئي عملي کي پي اسڪيلس، الائونسز موڪل ۽ ٻيا فائدا ان جي في جي بيهڪ جي حساب سان ڏنا ويندا.”.<br>(b) شق (iii) ڪانپوءِ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون نيون شقون شامل ڪيون ويندِيون:<br>“(iv) اداري ۾ پڙهايو ويندڙ نصاب گهٽ ۾ گهٽ اهڙو هوندو، جهڙو سرڪار طرفان منظور ڪيل اسڪولن ۽ ادارن لاءِ هوندو.<br>(v) ادارو موجود قانون ۽ ضابطن موجب سنڌي ٻولي جي پڙهائي کي يقيني بڻائيندو.”. |
| 2001 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعه 7 جي ترميم<br>Amendment of Section 7 of the | 4. ڄاڻايل آرڊيننس ۾ دفعه 7 ۾:<br>(i) ذيلي دفعه (1) ۾ لفظن “رجسٽرنگ اٿارٽي ۽ رجسٽرنگ اٿارٽي ان جي مقصد لاءِ يا ان طرفان بااختيار بڻايل ڪو شخص داخل ٿي سگهي ٿو ۽” لاءِ لفظ “حڪومت يا ڪو عملدار يا ان طرفان بااختيار بڻايل اٿارٽي” متبادل ٿيندا؛ |

Sindh Ordinance II of 2001

(ii)ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن "رجسٽرنگ اٿارٽي يا بااختيار ٻڌايل شخص" لاءِ لفظ "حڪومت يا بااختيار ٻڌايل عملدار يا اٿارٽي" متبادل ٿيندا.

سنڌ 2001 جي آرڊيننس II جي دفعہ 9 جي ترميم

Amendment of Section 9 of the Sindh Ordinance II of 2001

5.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 9 ۾، لفظن "حڪومت ۽ حڪومت طرفان منظور ڪيل حڪم" لاءِ لفظ "سيڪريٽري تعليم ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ ۽ سندس طرفان منظور ڪيل حڪم" متبادل ٿيندا.

سنڌ 2001 جي آرڊيننس II جي دفعہ 10 جي ترميم

Amendment of Section 10 of the Sindh Ordinance II of 2001

6.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 10 ۾، لفظن "رجسٽرنگ اٿارٽي" لاءِ لفظ "حڪومت" متبادل ٿيندو.

سنڌ 2001 جي آرڊيننس II جي دفعہ 15 جي ترميم

Amendment of Section 15 of the Sindh Ordinance II of 2001

7.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (2) ۾:

(i)شقن (a) ۽ (b) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(a) هڪ اداري جي رجسٽريشن جو پيمانو؛

(aa)انفرا اسٽرڪچر بشمول عمارت، ڪلاس رومز، ليباريٽري، لائبريري، راند جو ميدان، ڪينٽين ۽ صاف پيئڻ جي پاڻيءَ جون سهولتون؛

(b)اداري جي نظرداري ۽ جاچ پڙتال جو انداز؛

(bb)اداري جي شاگردن جي والدين يا سنڀاليندڙ يا استادن

يا ٻئي اسٽاف ۾ ان جي انتظاميا وچ ۾ تڪرار ڪي نبيرڻ لاءِ
طريقيڪار تي عمل ڪيو ويندو.”.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**